Please attach paragraph / Time mgt / discuss in phone 03335499059 / Fayaz A Soomro

14

# سوال نمبر: 07

## جواب:

### تعارف:

انساني زندگي مختلف
واقعن ۽ منظرن کي ڏسي ڪري گذرندي
آهي. انهن واقعن کي جڏهن
ڪو نثري انداز ۾ لکڻ جي ڪوشش
ڪري ته ان تحرير کي افسانو چئبو
آهي. افساني جون ڪيتريون نئين
خوبيون هونديون آهن جن ۾
ڪجهه هي آهن. افساني کي زندگي
جو ترجمان چئجي يا وقت جو آئينو
ته غلط نه هوندو. هي هڪ نثري تحرير
هوندي آهي جنهن جو ڪردار هڪ
حقيقي ماڻهو هوندو آهي. افساني
۾ فني ساخت جي لحاظ کان ڪافي دورن
۾ تبديلي ايندي رهي آهي جن ۾
اوائلي دور، شروعاتي دور ۽ ٻيون
دور، ٽيون دور ۽ موجوده دور
يا هاڻوڪو دور موجود آهي.

CamScanner
Scanned with CamScanner

## افسانچي جو ارتقا:

افسانچي فرانس ۾
جنم ورتو جنهن کي فرانس ۾ ٻارڪ
پهتو آهي - جڏهن افسانو فرينچ ريوليوشن
کان پوءِ شروع ٿيو، افسانو اٽلي
فرانس ۾ گهڻو پڙهيو ويو - افسانو
اهڙي صنف آهي جيڪا ٿوري ۾ گهڻو
اڌ ڪلاڪ يا وڌ ۾ وڌ ڪلاڪ ۾ پڙهي
سگهجي -

# افساني جي تحريري معني:

آمريڪي افساني نگار
ايڊگرالين پو جي لوءِ ته
" نظر جي اهڙي
ننڍي ڪهاڻي يا ننڍو قصو
جنهن کي هڪ ئي وقت ۾ پڙهي
پورو ڪجي ٿو اهڙي هڪ ٽڪر
جوڙي ان کي افسانو چئبو آهي "

افسانی بابت پريم چند
جو اهو چوڻ آهي ته
”زندگي جي
۽ رک ۽ جوڳي کي افسانو جنھن ... آهي

# افساني جون فني خوبيون

افساني جون فني خوبيون جيترين بيان ڪجن اوترين ئي گھٽ آهن ڇو ته افسانو هڪ شاندار تحرير آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سھڻائپ ۾ چار چنڊ لڳائي ٿو۔ افساني جون ڪجھ خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون۔

## ١- وقت جو آئينو:

افسانو وقت جو آئينو هوندو آهي۔ جيڪو ڪجھ به موجوده دور ۾ هلندو يا ٿيندو آهي افسانه نگار ان شيءِ کي نشانو بڻائي پنھنجو افسانو لکندا آهن۔

## 2- زندگي جو ترجمان:

افسانو زندگيءَ جو ترجمان هوندو آهي۔ حقيقي زندگيءَ جا حقيقي واقعا افساني جي ذريعي بيان ڪيا ويندا آهن۔

## 3- افساني جو مرڪزي خيال:

افساني جو مرڪزي خيال هڪ هوندو آهي۔ ٻيا ننڍا ننڍا خيال صافي ٿي سامهون ٿا اچن۔

4- افسانې جو ڪردار:
افسانې جو ڪردار
ڪو حقيقي ماڻهو هوندو آهي.
جيڪو حياتي ۾ عام
ماڻهو هجي.

5- مڪالمي ۾ رنگ ڀريندڙ:
افسانو مڪالمي ۾
حقيقي رنگ ڀريندڙ آهي. محل ۽
موقعي کي نظر ۾ رکي ڪري رنگ ڀرڻ
۾ افساني جي خوبي آهي.

6- عمل ۽ ڪردار ۾ توازن:
افسانو عمل ۽ ڪردار
۾ توازن رکيل تحرير هوندي آهي.
پڙهڻ ۾ هڪ توازن رکيل هوندو آهي.

7- ڳنڍيل جڙ:
افساني جا جڙ ڳنڍيل
هوندا آهن. هڪ جملو ٻئي جملي سان
لاڳاپيل هوندو آهي. پڙهي ڪري ائين
محسوس ٿيندو آهي جيئن هڪ ئي
محل ۾ تکيو ويو هجي.

8- ڪردارن کي بيان ڪرڻ:
ڪٿي دور جا
ڪردار ڪٿي کي افساني ۾ ملي سگهن
ٿا جو هر دور جا افسانا ان
دور جي ڪردارن کي بيان ڪندا آهن.

# سنڌي افساني ۾ فني سٽاءَ جي لحاظ کان آيل جدت.

## اوائلي دور: (1849 - 1914)

هي دور افساني جو اوائلي دور آهي. هن دور جا افسانا اخلاقي آکاڻين وارا هيا. جتن کان پوءِ روماني افسانا لکيا ويا. انهن ۾ پنهنجي زميندار جي ڳالهه ۽ سٽاتورو ۽ ڪڙاتورو ۽ ونهين ولين جي ڳالهه خاص طور تي اهميت رکن ٿا.

## شروعاتي دور: (1914 - 1923)

هن دور کي ڀرپور دور سڏيو ويندو آهي. جڏهن هن دور کي تعميري دور چئو وڃي ته اهو غلط نه هوندو. هن دور ۾ ڪتاب لکڻ شروع ٿيا. ڪيترا ئي افسانا ٽرانسليٽ ٿيا. هن دور ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي کلي جنهن جا ٽي (3) مضمون هيا سماجي ۽ تاريخي ۽ روماني. هن دور ۾ ڪيترن ئي زبانن ۾ افسانا لکيا ويا جهڙوڪ انگريزي ۽ هندي بنگالي ۽ مراٺي ۽ گجراتي ۽ اردو زبانن جي افسانن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ويو. هن دور جا مشهور افسانا هيٺ ڏجن ٿا.

شريف بيگم (مرزا قليچ بيگ) ۽ ديوان ڪيولرام جا سوکڙيون ۽ گل ۽ ڪوڙيل جا چار مزيون ۽ آکاڻيون جديد افساني جا

ارتقائي افسانا آهن.

## ٻيون دور : (1925 - 1940)

هن دور ۾ اهڙا افسانا نگار مشهور رهيا. افسانن جي موضوعن ۾ سماج جي تعمير ۽ سڌارو جهڙا ڪي، دل وندرائڻ ۽ اخلاقي افسانا مشهور رهيا. هي دور ٻي مهاڀاري لڙائي وارو دور هيو. هن دور ۾ هندي ۽ بنگالي گجراتي، مراٺي ۽ ٻين هندستاني ٻولين جا ڪئي جهڙي سنڌي ادب ۾ ڪيا ويا. ان ڪري هن دور کي افسانن جو ترجماني دور سڏيو وڃي ٿو. هن دور جا مشهور افسانه جلبت آڏواڻي ۽ گوبند مالهي ۽ هيرا ننگو ۽ لطف الله بدوي ۽ عثمان انصاري آهن. هن دور جو مرزا قليچ بيگ جو شاده بيگ افسانو شاهڪار آهي. هن دور ۾ تنقيدي نگاري تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو ۽ اصلاحي افسانه به لکيا ويا. هارين جي بابت انقلابي افسانه به لکيا ويا جنهن ۾ حيدر بخش جتوئي جو مشهور آهي.

## ٽيون دور : (1940 - 1947)

هي دور هندوستان جي ورهاڱي وارو دور آهي. هن دور ۾ عالمي نظرين جهڙوڪ سوشلزم (Socialism) ۽ ڪميونزم (Communism) تي ڪم ڪيو ويو. هن دور جي افسانن جا موضوع سياسي، سماجي، اخلاقي، هندو مسلم اتحاد، شاهوڪارن جي ڏاڍ

۽ غربت جي بدحالي ۽ اقتصادي ۽ معاشي
قربت رهيا. هن دور ۾ مشهور
افسانه نگار شيخ عبدالستار، گوبند مالهي
رام آمرلال، حسرت جاباني، شيخ اياز
۽ محمد خان غني نمايان آهن.
هن دور جو مشهور افسانو سفيد وحشي
آهي جيڪو شيخ اياز لکيو.

## موجوده دور:

هن دور ۾ ڪيترائي
افساني نگار لاڏاڻو ڪري ويا جن جي
ڪري ادبي جهان ۾ ويرانگي اچي وئي.
هن دور ۾ جيڪي افسانا مشهور ٿيا
انهن ۾ پريه ڀيني ۽ ڊاڪ بنگلو ۽ گل
بگڙيون مشهور آهن. هن دور جا مشهور
افسانه نگار هي سڏرايا وڃن ٿا. نسيم
کرل، سراج الحق، رشيد ڀٽي ۽ امر
جليل، ع ق شيخ ۽ خيرالنساء
جعفري جا نالا مشهور آهن. هن
دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جا
ڪلاس هليا ۽ تنقيد نگاري ٿي. شيخ
اياز افساني ۾ نئون رنگ ڀريو. نه
صرف مرد ۽ عورت ۽ طبقه آزادي ڪئي.
هي دور پختگي وارو دور سڏبو آهي

## نتيجو:-

افساني نگاري ۾ جديد ترقي
ٿي آهي - اوائلي دور کان جديد
تائين نظر ڦيرائجي، دور
ٿي وئي ۽ نه انسان بي اندازو
جي ڀيٽ ۾ افساني ۾ گهڻي
ترقي لحاظ کان آيل جدت ڪافي
ترقي ڪندڙ رهي آهي - افسانو ...

18 / 20

کيترن ۾ خوبين جو ذخيرو آهي جنهن
سنڌ جي پڙهي کي تمام گهڻي ترقي ڏني -

## سوال نمبر: 08

### جواب:

(الف)

As rain is related to season likewise tears are connected to feelings. Rain is seasonal or unseasonal, one can easily differentiate in it. However, the eyes shedding ~~te~~ water can not be determined so easily. Because human being is surrounded with so many difficulties at a time. If tears would ~~had~~ ~~the~~ have the colour sheds of emotions, feelings and ~~atrocities~~ sufferings, the eyes would have shed the colourful tears.

(ب)

اڄ مونکي احساس ٿيو ته آئون هڪ
خوني آهيان، مون پنهنجي تخليق ~~جو~~ کي
ماريو آهي- آئون هڪ ~~حيوان~~ وحشي درندو آهيان
جنهن پنهنجي معصوم جذباتن کي
دٻائي ڇڏيو آهي- آئون اهو غبات آهيان
جنهن هڪ خوبصورت مخلوق ~~جو~~ قتل ڪيو
~~آهي~~ - کي ذايع ڪيو آهي اهوءِ ان جي وجود
۾ اڄڻ کان آيو- اڄ آئون پنهنجي اندر اڪيل
هڪ فنڪار (آرٽسٽ) مان مليس جيڪو
گهڻي وقت کان منهنجي اندر وسيل هيو

جڏهن ڪي مون پاڻ کي دٻائي رکيو يا وري بيڪار سمجهيو. آئون هڪ سٺو گلوڪار، شاعر يا ڪهاڻيڪار ٿي پئي سگهيس جيڪڏهن مون پنهنجي دل کي آزادي ڏني هجي ها يا پنهنجي من جو آواز ٻڌو هجي ها. آئون پنهنجي پاڻ کان ئي لڪندو رهيس. پر خوشقسمتي سان مونکي توهان جي ڪتاب "Women in the 21st Century" ملي جڏهن جلد ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيم. مونکي توهان جي لکائي تمام پسند آئي. ان کان پوءِ مون پنهنجي پاڻ کي هڪ وقت حيران ۽ پريشان محسوس ڪيو جو ته مون ۾ به اها قابليت هئي پر مون ڪڏهن به پنهنجي دل کي اهو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. توهان تمام گهڻي حوصله افزائي ڪئي آهي ۽ توهان جي ڪري مونکي پنهنجي اندر جهاتي جي لاءِ اڳيون ڪوئي ڇڏيون آهن.